**ACADEMIA International Journal for Social Sciences**
**Volume 5, Issue 1(a), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638**

صحيح ۽ موضوع حديثن جي سڃاڻ

# Identification of Authentic and Fabricated Hadiths

ڊاڪٽر رحمت الله احسن
**Dr. Rahmatullah Ahsan**
rahmatullahahsan44@gmail.com

**Corresponding Author: Dr. Rahmatullah Ahsan** rahmatullahahsan44@gmail.com

| **Received:** 23-11-2025 | **Revised:** 08-12-2025 | **Accepted:** 21-12-2025 | **Published:** 06-01-2026 |
|---|---|---|---|

## ABSTRACT

*Allah Almighty has conveyed His religion to people through two sources: one is the Holy Qur'an and the other is the Hadith of the Prophet ﷺ. Allah Almighty Himself has taken responsibility for the preservation of both foundations of religion. This is explained in the Holy Qur'an where Allah says:*

*"Indeed, We have sent down the Reminder (the Qur'an), and surely We are its Protectors."*

*Just as the Holy Qur'an has been preserved exactly in its original form, likewise the Hadith of the Prophet ﷺ has also remained preserved in its true form. No one has been able to alter the reality of the Qur'an and Hadith until today, nor will anyone be able to alter it until the Day of Judgment. However, it cannot be denied that in different periods, esoteric groups, heretics, and enemies of Islam fabricated narrations with the evil intention of distorting and tampering with religion—narrations that had no existence during the time of the Prophet ﷺ. Yet Allah Almighty had already undertaken the responsibility of safeguarding this religion. Therefore, in every era, trustworthy scholars and Hadith experts emerged who, with great dedication and effort, separated weak and fabricated narrations from the collections of Hadith and presented the authentic traditions of the Prophet ﷺ in a pure and clear form for the world. Any statement, action, or tacit approval attributed to the Messenger of Allah ﷺ is called Hadith, and this is also the definition of Sunnah. "Tacit approval" refers to an act performed in the presence of the Prophet ﷺ which he did not forbid. A Hadith is called Sahih (authentic) when its chain of narration is uninterrupted (each narrator heard directly from the preceding narrator up to the Prophet ﷺ), all narrators are trustworthy and truthful, possess integrity and strong memory, and the Hadith is free from contradiction and hidden defects. A Hadith lacking these qualities is called a* ضعيف *(weak) Hadith. Likewise, a fabricated narration falsely attributed to the Prophet ﷺ is called a Mawdu' (fabricated) Hadith.*

**Keywords:** *Holy Qur'an, Hadith Preservation, Sahih Hadith, Weak Hadith, Fabricated Narrations*

الله تعالى پنهنجي دين کي ماڻهن تائين ٻن ذريعن سان پهچايو آهي، انهن مان هڪ قرآن شريف ۽ ٻيو حديث رسولﷺآهي. الله تعالى دين جي ٻنهي بنيادن جي حفاظت جو ذمو پاڻ کنيو آهي، هن جي وضاحت قرآن شريف ۾ الله تعالى هئين فرمائي آهي: انا نحن نزلنا الذکر وانالہ لحافظون. (1) ترجمو: اسان ئي هي ذڪر (قرآن) نازل ڪيو آهي ۽ اسان ئي هن جا محافظ آهيون." جهڙي ريت قرآن شريف هوبهو محفوظ آهي، اهڙي طرح حديث رسولﷺبه پنهنجي اصل صورت ۾ محفوظ آهي. قرآن ۽ حديث جي حقيقت کي اڄ تائين نه ڪو مٽائي سگهيو آهي ۽ نه وري ڪو قيامت تائين مٽائي سگهندو. هن ڳالهه جو به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته مختلف دورن ۾ باطنيت پرست زنديق ۽ اسلام دشمن ٽولن دين ۾ تحريف ۽ ان ۾ ڦير گهير جي ناپاڪ مقصدن جي تڪميل لاءِ اهڙيون اهڙيون روايتون گهڙيون جن جو رسالت جي دور ۾ نالو ۽ نشان ئي ڪانه هو. جڏهن ته الله تعالى هن دين جي حفاظت جو ذمو پاڻ کنيو آهي. اهڙي طرح هر دور ۾ اهڙا ته ثقه (سچا) عالم ۽ محدث پيدا ڪيا جن تمام گهڻي جفاڪشي سان حديثن جي مجموعي مان ضعيف (جڙتو) ۽ هٿ ٺوڪين روايتن کي الڳ الڳ ڪري ڇڏيو ۽ سنت نبويﷺجي صحيح حديثن کي صاف شفاف ڪري دنيا وارن جي لاءِ پيش ڪيو. اهڙو قول عمل ۽ تقرير جنهن جي نسبت رسول اللهﷺڏانهن ڪئي وئي هجي ان کي حديث چئبو آهي ۽ سنت جي به اها ئي تعريف آهي. تقرير مان مراد اهڙو عمل جيڪو رسول اللهﷺ جي موجودگي ۾ ته ڪيو ويو هجي جنهن کان رسول اللهﷺ جن روڪيو به نه هجي. (2)جنهن جي حديث جي سند متصل (راوي کان رسول اللهﷺ تائين مليل ۽ هر هڪ ٻئي کان ٻڌي هجي) ان جا سڀ راوي (روايت ڪرڻ وارا) ثقه (سچا) هجن. ديانتدار ۽ قوي حافظي جا مالڪ هجن. اهڙي طرح هن حديث ۾ سندون (سچو راوي پاڻ کان وڏيڪ

سچي راوي جي مخالفت نه ڪري) ۽ ٻي ڪا ڳجهي خرابي به نه هجي. تنهن کي صحيح حديث سڏيو ويندو آهي.(3) اهڙي حديث جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل صفتون نه هجن ته اهڙي حديث کي ضعيف حديث سڏيو ويندو آهي. اهڙي طرح موضوع (ڪوڙي) ان کي چئبو اهي جو ڪا حديث جڙتو  هجي ان جي نسبت رسول اللهﷺ جن ڏانهن ڪرڻ ان کي موضوع (جڙتو) حديث يعني هٿ ٺوڪي سڏيو ويندو آهي.(4)

ضعيف حديثن مان سڀ کان وڌيڪ برو ۽ قبيح قسم موضوع آهي. اهل علم جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته ڄاڻي ٻجهي موضوع روايت ان جي حقيقت بيان ڪرڻ کان بغير ذڪر ڪرڻ حرام آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ صحيح حديث ۾ رسول اللهﷺجن جو هي فرمان آيل آهي ته " من ڪذب علي متعمدا فليتبوامقعده من النار( 5) "يعني جنهن ڄاڻي ٻجهي مون تي ڪوڙ مڙهيو اهو پنهنجو ٺڪاڻو جهنم ۾ ٺاهي." هڪ ٻي حديث ۾ رسول اللهﷺجن جو فرمان آهي: من حدث عني بحديث يراي انه ڪذب فهواحد الڪاذبين.(6) ترجمو: جنهن مون کان حديث بيان ڪئي ۽ اهو ڄاڻي به ٿو ته هي ڪوڙ آهي ته اهو پاڻ به ڪوڙن مان هڪ ڪوڙو آهي." اهڙي طرح هڪ ٻي حديث ۾ فرمايائون:" ترجمو: مون تي ڪوڙ نه مڙهيو ڇو جو جيڪو مون تي ڪوڙ مڙهيندو اهو باهه ۾ داخل ٿيندو. (7) جن سببن جي ڪري ڪوڙيون حديثون ٺاهيون وينديون آهن اهي ڇهه سبب آهن. (1) الله جو قرب حاصل ڪرڻ جي نيت. (2) هر هڪ پنهنجي مذهب جي تائيد ۽ تقويت ڏيڻ لاءِ .(3) دين اسلام ۾ عيب لڳائڻ. (4) وقت جي حڪمرانن جي ويجهو ٿيڻ لاءِ. (5) روايتون بيان ڪرڻ جي ذريعي مال ملڪيت حاصل ڪرڻ.(6) شهرت حاصل ڪرڻ.  (8) هي اهي سبب آهن جن جي ڪري ڪوڙيون حديثون ٺاهيون ويون آهن. الله تعالى هنن ڪمن کان اسان کي محفوظ رکي.آمين

جيئن ته ضعيف حديث بيان ڪرڻ جائز نه آهي، پر هن صورت ۾ جائز آهي جو حديث جو ضعف به بيان ڪيو وڃي ۽ ٻڌايو وڃي ته هي حديث ضعيف آهي. (9) ته جيئن سامعين ۽ قارئين کي اهو علم هجي ته هي ڳالهه رسول اللهﷺڏانهن منسوب ته ڪئي وئي آهي، پر ثابت نه آهي. جيڪڏهن ضعيف حديث کي ان جو ضعف بيان ڪرڻ کان بغير ٻڌايو ويو يا نقل ڪيو ويو ته يقينن هي رسول اللهﷺتي ڪوڙ مڙهيو ويو ۽ ٻيو ته ماڻهن جي گمراهه ٿيڻ جو ذريعو ثابت ٿيندي، جيڪو قطعن جائز نه آهي. معلوم هئڻ گهرجي ته ضعيف حديثن کي اڳتي بيان ڪرڻ وارو ٻن حالتن کان خالي نه آهي. هڪ ته هن کي حديث جي ضعف جو علم هجي ۽ ٻيو ته هن کي هي علم نه هجي. جيڪڏهن هن کي حديث جي ضعيف هجڻ جو علم هو ۽ هن پوءِ به هن حديث جي ضعف واضح ڪرڻ کان بغير ماڻهن کي بيان ڪئي ته انهي ماڻهو تي رسول اللهﷺجي هي وعيد صادق ايندي. پاڻ فرمايائون ته :" جنهن منهنجي نسبت سان حديث بيان ڪئي ۽ هو اها ڳالهه ڄاڻي ٿو ته هي ڪوڙ آهي ته هو پاڻ به ڪوڙن مان هڪ ڪوڙو آهي ۽ جيڪڏهن هن کي حديث ضعيف هجڻ جو علم نه آهي ته به هو رسول اللهﷺجي هن فرمان مطابق گنهگار ضرور ٿيندو. پاڻﷺ جن فرمايو: ترجمو: "ماڻهو جي ڪوڙي هجڻ لاءِ هي ڪافي آهي ته هو جيڪو ڪجهه ٻڌي (بنا تحقيق) ان کي ٻين تائين پهچائي." (10)

ثابت ٿيو ته جيڪو شخص ڪنهن حديث جي صحت ۽ ضعف جو علم نٿو رکي ان کي گهرجي ته بنا تحقيق جي حديث ٻين کي نه ٻڌائي. جڏهن ته عام معاملات لاءِ شريعت اسان کي تحقيق جو حڪم ڏنو آهي. عدالت ۽ ديانت تي اعتبار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته دين جي معاملي ۾ اسان کي تحقيق بالاولى ڪرڻ گهرجي. امام ابو شامه رحمة الله عليه فرمائي ٿو: ضعيف حديث جو بيان ڪرڻ جائز نه آهي، پر هن صورت ۾ جائز آهي جو ان حديث جو ضعف به بيان ڪيو وڃي. امام مسلم رحمة الله عليه فرمائي ٿو: جيڪو شخص ضعيف حديث جو ضعف ڄاڻي ٿو ۽ ان جو ضعف بيان نٿو ڪري ته هو ائين ڪرڻ جي ڪري گنهگار به ٿئي ٿو ۽ ماڻهن کي دوکو به ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ ته هي امڪان موجود آهي ته ان جي بيان ڪيل حديث کي ٻڌڻ وارو انهن سڀني تي عمل ڪري يا انهن مان ڪجهه تي عمل ڪري ۽ هي امڪان به موجود آهي ته اهي سڀ حديثون يا انهن مان ڪجهه حديثون ڪوڙيون هجن ۽ انهن جو ڪوئي ثبوت به نه هجي. جڏهن ته صحيح حديثن جو تعداد ايترو آهي جو انهن جي هوندي ضعيف حديثن جي ضرورت نه ٿي رهي، پر ڪيترائي ماڻهو (خطيب حضرات) صرف هن لاءِ ڄاڻي واڻي ضعيف ۽ مجهول سند واريون حديثون بيان ڪندا آهن ته جيئن عوام الناس ۾ انهن کي شهرت ملي ۽ هي چيو وڃي ته هن کي تمام گهڻيون حديثون ياد آهن ۽ هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. ۽ جيڪو شخص علم جي معاملي ۾ اها روش اختيار ڪري ٿو ته ان جي لاءِ علم ۾ ڪجهه به حصو نه آهي ۽ ان کي عالم چوڻ بدران جاهل چوڻ وڌيڪ مناسب آهي.

هن سموري ڳالهه جو نچوڙ هي آهي ته حديث بيان ڪرڻ وقت تمام گهڻو احتياط ڪيو وڃي. جيستائين تحقيق ذريعي ڪنهن حديث جي صحت جي باري ۾ مڪمل يقين نه ٿي وڃي ايستائين  ان حديث کي ٻين تائين نه پهچايو وڃي. ها جيڪڏهن ڪٿي ضعيف يا موضوع روايت کي بيان ڪرڻ جي ضرورت پيش اچي ته اتي ان سان گڏو گڏ ان حديث جي صحت به واضح ڪرڻ گهرجي ۽ ٻڌائڻ گهرجي ته هي حديث ضعيف يا موضوع آهي ۽ ضعيف حديث کي بيان ڪرڻ وقت صراحت سان هينئن نه چوڻ گهرجي ته رسول اللهﷺ جن ارشاد فرمايو، پر غير واضح ۽ غير پخته لفظن ۾ هنيئن چوڻ گهرجي ته رسول اللهﷺ کان هن طرح روايت ڪئي وئي آهي يا اسان کي پاڻ سڳورنﷺ کان هن طرح معلوم ٿيو آهي. ان ڪري جو ڪنهن حديث جو ضعف واضح ٿيڻ کان پوءِ صراحت سان هن کي رسول اللهﷺ ڏانهن نسبت ڪرڻ ڪنهن به طرح صحيح ناهي.

ضعيف حديث تي عمل جي سلسلي ۾ اهل علم ۾ اختلاف آهي ۽ جمهور جي راءِ آهي ته فضائل اعمال ۾ (جيڪي عمل صحيح حديثن مان ثابت ٿيل هجن) ان تي عمل ڪرڻ مستحب آهي، پر ان جي لاءِ ٽي شرط آهن.(1) اهڙي حديث جنهن جو ضعف تمام گهڻو

نه هجي. (2) اهڙي حديث جيڪا ڪنهن ثابت شده اصل حديث جي خلاف نه هجي. (3) عمل ڪرڻ وقت ان جي سنت هجڻ جو اعتقاد نه رکيو وڃي، پر احتياط جي نيت سان عمل ڪيو وڃي.(11) جڏهن ته امت جي تمام وڏن محققن ۽ حديث جي عالمن جو موقف آهي ته ضعيف حديث تي نه ته احڪامن ۾ عمل جائز آهي ۽ نه ئي فضائل اعمال ۾. انهن عالمن ۾ امام بخاري، امام مسلم، ابن العربي، امام بن حزم، امام ابو شامه مقدسي، ابن تيميه، علامه شوڪاني، خطيب بغدادي ۽ ٻيا شامل آهن

**اختلاف جي جڙ موضوع روايتون :**

اختلاف جي لاءِ هر هڪ شخص جي اها راءِ آهي ته هي ختم ٿيڻ گهرجن ۽ هن کي ختم ڪرڻ لاءِ هي آيت پيش ڪئي ويندي آهي:وَ اعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِیْعًا وَّ لَا تَفَرَّقُوْا (12) سپئي هي آيت وڏي واڪي بيان ڪندا آهن ۽ چيو ويندو آهي ته هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي مسلڪ ۽ مذهب تي قائم رهي ڪري اختلاف ختم ڪري سگهي ٿو. منهنجي نظر ۾ اها راءِ غلط آهي جنهن سان پائيدار اتفاق جنم نٿو وٺي سگهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي مسلڪ ۽ مذهب تي قائم رهڻ ڇڏي ڏبو ته اهو قرآن پاڪ جو مطلوبه اتفاق نه هوندو ۽ نه ئي قرآن ۽ حديث هن جي اسان کي اجازت ڏئي ٿي ته هر هڪ پنهنجي مسلڪ ۽ عقيدي تي قائم رهي اتفاق ۽ اتحاد ڪن. جيڪڏهن اهڙو اتفاق ۽ اتحاد قائم ٿيو به ته به هي اتفاق واعتصموا بحبل الله وارو اتفاق نه هوندو، پر هنن کي هن ڳالهه تي قائم رهڻ جي تقويت ملندي ته انهن مان هر هڪ پنهنجي مسلڪ ۽ مذهب تي قائم رهندو. عقيدا هر هڪ جا الڳ الڳ هوندا. اسلام اهڙي اسلامي مملڪت ۽ حڪومت قائم ڪرڻ جو درس نه ٿو ڏئي. جيڪڏهن اهڙي حڪومت قائم به ٿي. اها حڪومت پائيدار ثابت نه ٿيندي ڇو جو هن جو بنياد مضبوط نه آهي، جيڪڏهن ڏٺو وڃي ۽ تاريخ جا ورق اُٿلايا وڃن ۽ معلوم ڪجي ته هي تفرقا ۽ اختلاف ڇو پيدا ٿيا ۽ هنن جو سبب ڪهڙو آهي ۽ هنن تفرقن، اختلافن، مسلڪن ۽ مذهبن جي جڙ ڪهڙي ۽ اهي ڪٿان ڦٽي نڪتا ته معلوم ٿيندو ته هنن سڀني اختلافن ۽ تفرقن، مسلڪن ۽ مذهبن جي جڙ اسان کي موضوع ۽ من گهڙت روايتون معلوم ٿينديون، جن جي ڪري امت ۾ ڏڦيڙ ۽ اختلاف ٿيا. موضوع حديثن ۽ روايتن جي ڪري ماڻهن جا عقيدا جدا مذهب جدا ۽ نظريا ۽ رايا الڳ الڳ ٿي ويا هنن پنهنجي مذهبن ۽ مسلڪن کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوڙين حديثن جو سهارو ورتو ۽ هن ڪمزور سهاري تي پنهنجي مذهب ۽ مسلڪ جي عمارت اڏي ڇڏي. عراق بابت امام زهري رح فرمائي ٿو:" يخرج الحديث من عندنا شبرا فيرجع الينا من العراق ذرعا. (13)" يعني جڏهن اسان وٽان حديث نڪري ٿي ته اها گرانٺ جيتري آهي ۽ جڏهن عراق کان ٿي اچي ٿي ته اها نوٺ جيڏي ٿي وڃي ٿي. مطلب ته هن ۾ اضافو ڪيو وڃي ٿو. امام مالڪ رحمة الله عراق کي دارالضرب سڏيندو هو. يعني هتي حديثون ٺاهيون وينديون هيون ۽ پوءِ ماڻهن کي ٻڌائيندا هئا. جهڙي طرح دينار ٺاهبا آهن، تنهن کان پوءِ اهي استعمال جي لاءِ بازار ۾ آندا ويندا آهن. (14) ڏٺو وڃي ته موضوع حديثن جي ٺهڻ جو پهروين سبب سياسي اختلاف هئا. تنهن کان پوءِ ٻيا سبب به ظاهر ٿيندا ويا. هن کان پوءِ اختلاف ۽ افتراق جو ٻيو سبب ۽ بنياد مذهبي مسلڪي عصبيت آهي. هر هڪ مذهب ۽ مسلڪ واري پنهنجي مسلڪ ۽ مذهب کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوڙيون روايتون ٺاهيون ۽ هنن سمجهيو ته هنن ڪوڙين روايتن سان هنن جي مذهب ۽ مسلڪ کي سچو سمجهيو ويندو. جيئن مختلف امامن بابت روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون. اهڙي قسم جون ڪوڙيون روايتون ٺاهي اسلام کي سخت قسم جو نقصان پهچايو ويو، هنن ماڻهن کي رسول اللهﷺجي هن وعيد جو به ڊپ نه ٿيو جيئن پاڻ فرمايائون: من ڪذب علي متعمدا فليتبوا مقعده من النار. (15) يعني جنهن مون تي ڄاڻي ٻجهي ڪوڙ مڙهيو ته ان جو ٺڪاڻو جهنم آهي. هنن ماڻهن اسلام جي صاف شفاف چشمي کي ڇڏي ڪوڙين ۽ هٿ ٺوڪين روايتن کي سهارو بڻايو. جڏهن ته رسول اللهﷺجن اسان کي اڳ ۾ ئي اهڙين روايتن کان باخبر ڪيو ۽ فرمايو: يڪون في آخرالزمان دجالون ڪذابون ياتونڪم من الاحاديث، بما لم تسمعواانتم ولا آبائڪم فاياڪم وايا هم لايضلونڪم ولا يفتنونڪم." (16) يعني آخري زماني ۾ دجال ۽ ڪذاب پيدا ٿيندا اهي توهان جي اڳيان اهڙيون حديثون پيش ڪندا جن کي نه توهان ٻڌو هوندو ۽ نه توهان جي ابن ڏاڏن ٻڌو هوندو، تنهن ڪري پاڻ کي هنن کان بچائيندا ڪٿي ائين نه ٿئي جو اُهي توهان کي گمراه ڪن ۽ توهان کي فتني ۾ وجهي ڇڏين."

اهي اختلاف ۽ افتراق جا بنيادي سبب آهن. جن جي ڪري امت اختلاف ۽ افتراق جي دلدل ۾ ڌڪجي وئي آهي. جيڪڏهن هن امت کي هن ڏٻڻ مان ڪڍڻ جو گس ڪڍيو ته اهو صرف ۽ صرف هي آهي ته هر هڪ مسلڪ ۽ مذهب موضوع روايتن کي ڇڏي صحيح روايتن ۽ حديثن کي پنهنجو سهارو بڻائي. ڇاڪاڻ ته دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جو مرڪز ۽ محور صحيح حديثون آهن. صحيح حديثن جي ئي ذريعي امت کي اختلاف ۽ افتراق واري ڏٻڻ مان ڪڍي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته امت جي اختلاف جو سبب ۽ جڙ به اهي موضوع روايتون آهن جن جي ڪري امت ٽڪر ٽڪر ٿيل آهي، پر رسول اللهﷺجي تربيت يافته اصحاب سڳورا نه ڪوڙيون روايتون ٻڌندا هئا ۽ نه وري ڪنهن کي ٻڌائيندا هئا. اهڙي قسم جي هڪ روايت حضرت انسﷺ کان آيل آهي ته " ذڪر انس حديثا فقال له رجل: انت سمعت عن رسول اللهﷺ؟ قال: نعم او حدثني من لا يڪذب، والله ما ڪنا نڪذب ولا ندري ماالڪذب. (17)" يعني: حضرت انسﷺحديث بيان ڪئي ته هڪ شخص حضرت انسﷺکي چيو ته توهان رسول اللهﷺکان هيءَ حديث ٻڌي؟ حضرت انسﷺ چيو هائو يا اهڙي شخص ٻڌائي جيڪو ڪوڙ نه ڳالهائيندو آهي. الله جو قسم اسان ڪوڙ نه ڳالهائيندا هئاسين ۽ نه ڄاڻندا هئاسين ته ڪوڙ ڇا آهي." هن مان هي واضح ٿيو ته اصحاب سڳورا نه ڪوڙ ڳالهائيندا هئا ۽ نه وري ڪوڙ کي ڄاڻندا هئا. اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته رسول اللهﷺڏانهن ڪوڙ منسوب ڪن. انهن جو اتحاد ۽ اتفاق حضرت عثمان غني ﷺجي خلافت واري دور تائين قائم رهيو، جڏهن حضرت عليﷺ جي خلافت جو دور آيو ته مختلف دين جا دشمن اٿي ڪڙا ٿيا ۽ مختلف طريقن سان اسلام کي نقصان پهچائڻ لڳا ۽ انهن طريقن مان هڪ طريقو ڪوڙيون روايتون گهڙڻ به آهي.

اسان جيڪڏهن هن دعوى ۾ سچا آهيون ۽ واقعي اختلاف ختم ڪرڻ چاهيون ٿا ته پوءِ اسان کي گهرجي ته تحقيق ڪري موضوع ۽ من گهڙت روايتون ۽ حديثون ڇڏي ڪري صحيح ثابت ٿيل روايتن تي عمل ڪريون ته هن صورت ۾ اسان مان اختلاف ختم ٿي سگهن ٿا نه ته اهي صرف ۽ صرف زباني جمع خرچ ۽ دعوائون هونديون. جيڪڏهن اسان امت جا حقيقي خير خواهه آهيون ته هن ڳالهه تي عمل ڪريون. " فان تنازعتم في شيءِ فردوه الي الله والرسول ان ڪنتم تومنون بالله واليوم الآخر. (18) ترجمو: پوءِ جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ اختلاف ڪيو ته ان (اختلاف) کي الله تعالى طرف ۽ رسول الله ﷺطرف آڻيو جيڪڏهن توهان الله تعالى ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻيو ٿا."

الله جي طرف موٽائڻ مان مراد قرآن شريف ۽ رسول الله ڏانهن موٽائڻ مان مراد حديث رسول اللهﷺآهي. هي جهڳڙا ۽ اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ هي هڪ بهترين اصول ٻڌايو ويو آهي. هن اصول مان هي واضح ٿئي ٿو ته ڪنهن ٽئين شخصيت جي اطاعت واجب نه آهي. اختلاف ۽ افتراق ختم ڪرڻ جو هڪ ئي اصول آهي جيڪو قرآن شريف اسان کي ٻڌايو . جيڪڏهن اسان هن اصول تي عمل ڪريون ته اسان مان هي ننڍا وڏا اختلاف ختم ٿي سگهن ٿا.

1. الحجر15-آيت9.
2. طحان، محمود، ڊاڪٽر- اصلاحات حديث، پروگريسو بڪس. لاهور ص19
3. ايضاً ص 41.
4. ايضا ص 91.
5. بخاري، ابوعبدالله، محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري، دارالسلام الرياض، 1999ع، حديث نمبر108. ص24.
6. نيساپوري، ابوالحسين مسلم بن الحجاج، بن مسلم. صحيح مسلم، دارالسلام الرياض2000ع. حديث: باب من التحذير من الڪذب علي رسول الله.ص7
7. ايضاً باب: تغليظ الڪذب علي رسولِ اللهِ . حديث نمبر1. ص8.
8. طحان، محمود، ڊاڪٽر، اصلاحات حديث، پروگريسو بڪس. لاهور. ص 94،93،92.
9. ايضاً. ص 71.
10. نيساپوري، ابوالحسين مسلم بن الحجاج بن مسلم. صحيح مسلم، دارالسلام، الرياض2000ع، باب النهي عن الحديث بڪل ماسمع-حديث 7، ص 8.
11. طحان، محمود، ڊاڪٽر-اصطلاحات حديث- پروگريسو بڪس-لاهور، ص 72.
12. آل عمران 3-آيت103.
13. سباعي، مصطفى، ڊاڪٽر. السنة ومڪانتهافي التشريع الاسلامي-دارالسلام، 2008ع ، ص 82.
14. ايضا-ص82.
15. نيساپوري، ابوالحسين مسلم بن الحجاج، بن مسلم. صحيح مسلم، دارالسلام الرياض2000ع. حديث: باب من التحذير من الڪذب علي رسول الله.ص7
16. نيساپوري، ابوالحسين مسلم بن الحجاج، بن مسلم. صحيح مسلم، دارالسلام الرياض2000ع. حديث: باب النهي عن الرواية عن الضعفاءِ والاحتياط في تحملها- حديث نمبر 16، ص 09
17. السباعي، مصطفى، ڊاڪٽر. السنة ومڪانتهافي التشريع الاسلامي-دارالسلام، 2008ع ، ص 81.

**ACADEMIA International Journal for Social Sciences**
**Volume 5, Issue 1(a), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638**

18. النسآء -4- آیت نمبر 59.